حيدر علي پيو*

# مزاحمتي ادب ۾ ابراهيم منشي جو ڪردار

# The Role of Munshi Ibrahim In Revolationary Literature


## ABSTRAC:

The name of Ibrahim Munshi occupies the position of prominence in the revolutionary literature. The revolutionary literature in Sindh was on its peak during the decades of 1960s and 1970s. Ibrahim Munshi was among those poets and who aired the revolutionary and rebellious ideas in the realm of literature. He belonged to a poor family and his poetry teems with the woes and worries of the common folks. Love for land is in very line of his poetry. Because of the lyrical quality his poems are widely sung. This research paper essay primarily deals with the concise analysis of his revolutionary poetry.


سنڌي مزاحمتي شاعري جي حوالي سان ابراهيم منشي جو نالو خاص اهميت رکي ٿو. ابراهيم منشيءَ جو پورو نالو منشي محمد ابراهيم ولد محمد اسحاق سومرو آهي. سندس جمڻ جو هنڌ ڳوٺ جنهاڻ سومرو، تعلقو ٽنڊو محمد خان، ضلعو حيدرآباد ۽جمڻ جي تاريخ 15 جنوري 1934 آهي.

ننڍي هوندي کان ئي ڏکن ڏاکڙن جو منهن ڏسڻو پيس. اجا ٻارهن سالن جو هو ته سندس پيءُ سلهه جي بيماري ۾ فوت ٿي ويو پيءُ جي وفات کانپوءِ گهر جي سموري ذميواري ابراهيم منشي کي کڻڻي پئي جنهن ڪري سندس تعليم جو سلسو منقطع ٿي ويو ۽ صرف پنج درجا سنڌي پڙهي سگهيو.

ابراهيم منشي پنهنجي زندگي جي هن ڏکي دور بابت پاڻ ئي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته ”مونکي پڙهڻ جو بي انتها شوق هو. ٻاراڻي درجي کان چوٿين درجي تائين هميشه تعلقي ۾ پهريون ۽ ٻيون نمبر ايندو هوس. بابا جي مرڻ کانپوءِ انن نون پاتين جو گذر سفر ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو ۽ مون پڙهڻ ڇڏي ڏنو، ٻارهن سالن جي عمر ۾ هڪ گڏهه ورتي، ان تي واپار شروع ڪيم.“ (1)

ڏک انسان کي حساس بڻائي ڇڏيندا آهن ۽ حساس انسان جي دل ئي مان شاعري جي صدا بلند ٿيندي آهي. انهن ڏينهن ۾ ئي ابراهيم منشي شاعري شروع ڪئي. انهن ڏينهن جي باري ۾ پاڻ لکي ٿو ته ”اهڙي رواجي ماحول ۾ آءُ رومانٽڪ نموني جي شاعري، ڪافيون ڪلام به ناهڻ لڳس. پاڻ مرادو ڳائڻ، مولود پڙهڻ، غزل پڙهڻ، اهو به پنهنجو شغل هوندو هو.“(2)

* ايم-فل اسڪالر، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

اٿين ئي زندگي جو سفر بہ ڪندو رهيو تہ شاعري جو سفر بہ ڪندو رهيو. غلام محمد سومرو لکي ٿو تہ ”جڏهن نيڪيدارن وٽ منشي گيري ڪرڻ ڪري، ماڻهو صرف هن کي منشي چوڻ لڳا تہ هن تخلص بہ منشي اپنايو اڳ ۾ مشتاق لکندو هو.“(3)

سندس شاعريءَ جا ڇهہ مجموعا هن وقت تائين ڇپجي چڪا آهن. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا مطابق ”سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو پيغام مظلوم (1970ع) ۾ ڇپيو ٻيو مجموعو ”وڳهہ جا وريام“ (1971ع) ۾ ڇپيو، 1985ع ۾ پريم نگر پبليڪيشن پاران سندس شاعريءَ جو ٽيون مجموعو ”گوندر ويندا گذري“ ڇپيو جنهن جو پيش لفظ محمد ابراهيم جويي لکيو. 1991ع ۾ سندس شاعريءَ جو چوٿون مجموعو ”ڌرتي دين ڌرم“ شايع ٿيو، سندس شاعري جو پنجون مجموعو ”ڏونري ڏينهن ڏاڙا“ (1995ع) ۾ ڇپيو ۽ ڇهون مجموعو ” اکر اکر کي اک“ روشني پبليڪيشن پاران 2006ع ۾ ڇپجي چڪو آهي.“ (4)

جيئن تہ اسانجو موضوع مزاحمتي شاعريءَ ۾ ابراهيم منشي جو ڪردار آهي تنهنڪري پهريون اهو ضروري آهي تہ اسان سمجهون تہ مزاحمتي ادب آهي ڇا؟

ادب انساني زندگي جو اهم عنصر آهي تہ وري مزاحمت ادب جو اهم عنصر آهي. ”مزاحمت عربيءَ ٻوليءَ جو لفظ ”زحم“ مان نڪتو آهي. مزاحمت جي معنيٰ آهي تڪليف، مشڪلات، اهنج، روڪ، رنڊڪ، اٽڪاءُ.“(5)

مختيار احمد ملاح ”ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“ ۾ مزاحمتي ادب جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ ”ادب ملڪي حالتن جو رد عمل هوندو آهي. جيڪڏهن ملڪي حالتون عوامي ڀلائيءَ لاءِ سٺيون نہ هونديون آهن تہ انجو رد عمل ادب ۾ جا بجا موجود هوندو آهي. مطلب تہ مزاحمتي ادب اهو ادب آهي جنهن ۾ ملڪي نا انصافين ناهموارين جي خلاف مزاحمت جو عنصر موجود هجي.“(6)

مزاحمت جو عنصر انساني طبيعت ۾ ازل کان موجود آهي. انسان پنهنجي ارتقا جي شروعاتي دور کان فطرت ۽ فطرت جي مختلف روپن جهڙوڪ بک، بيماري، ٻوڏ ۽ زلزلن جي خلاف جنگ جوٽيندو پئي آيو آهي. انهيءَ مزاحمت جي ڪري ئي انساني سماج جي تشڪيل ٿي مزاحمت جو سڀ کان اعليٰ درجو ظلم، نا انصافي ۽ ڏاڍ خلاف آواز بلند ڪرڻ آهي. قديم علم و ادب جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ يوناني ديو مالا ۾ بہ مزاحمتي ڪردار پروميٿس ۽ سسيفس جا ملن ٿا جن زيوس ديوتا سان بغاوت ڪئي ۽ انسانن کي باهہ ٻارڻ ۽ ٻيا علم سيکاريا جن جي سزا ۾ ٻنهي کي سخت عذاب ڀوڳڻا پيا. بر صغير جي

تاريخ ۾ صوفي بزرگن جو هڪ خاص مزاحمتي ڪردار رهيو آهي. شاهه لطيفؒ ۽ خليفي نبي بخش ۽ ٻين سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو عنصر واضع نظر اچي ٿو.

”سنڌ جي صوفي فڪر جو شاهه عنايت شهيد پهريون ڪردار هو جنهن کلي طرح وقت جي حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪايو هن انسانيت دوستي ۽ محبت جو درس ڏنو، هن معاشي طرح ”جو کيڙي سو کائي“ جو نعرو هڻي طبقاتي جاگيرداري نظام کي چئلنج ڪيو.“(7)

مزاحمت جو اهو سلسلو موجوده دور تائين هلندو ٿو اچي ويهين صدي ۾ مزاحمتي ادب سرجيندڙ اديبن ۽ شاعرن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ظلم ۽ ناانصافي جي خلاف آواز اٿاريو. فرانس ۾ سارتر، امريڪا ۾ برٽريندر سل، بنگال ۾ قاضي نذر الاسلام، پاڪستان ۾ فيض احمد فيض ۽ حبيب جالب، چلي ۾ پبلونرودا پنهنجي شاعري ۾ عوام ۽ انسانيت جي ڳالهه ڪئي.

سنڌ ۾ به ورهاڱي کانپوءِ جلدئي اهڙيون حالتون پيدا ٿيون جن سنڌ جي ساڃاهه وندن کي قومي تحفظ جي حوالي سان ڳڻتي ۾ مبتلا ڪيو. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي سڃاڻپ جي حوالي سان تمام گهڻن مسئلن ڪر ڪنيو. 1958ع جي مارشلا ۽ ون يونٽ جي نفاذ ويتر انهن مسئلن جي شدت ۾ اضافو ڪيو. ون يونٽ واري زماني ۾ سنڌي شاعرن جو هڪ ئي موضوع هو ”سنڌ“. ان دور ۾ سنڌي اديبن ۽ شاعرن ۾ هڪ ئي جذبو اڀريو اهو جذبو هو پنهنجي قومي تشخص کي بچائڻ. انهن حالتن کانپوءِ سنڌي ادب ۾ مزاحمتي عنصر اڃا وڌي ويو. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ان وقت جو ادب معيار ۽ مقدار جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جو بهترين ادب آهي. سنڌ جي ڏاهي محترم محمد ابراهيم جويي جي مطابق“ پنجاهه، سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن واري عرصي ۾ وطن دوست قوم شناس ادب جي جيڪا نئين لهر اسان وٽ آئي ان ۾ اسانجي شاعرن، نثر نويسن ڇيهه ڪري ڇڏيا، ڇاڇا نه هنن اسانکي ڏنو. ڇاڇا نه هنن اسان لاءِ سٺو. وٽانئن جو ڪجهه اسان کي مليو اهو شايد اسان پورو پڙهيوئي ڪونهي ان تي ويچارڻ ته ٻي ڳالهه آ.(8)

اهو آهي ان دور جو مختصر احوال جنهن جي رد عمل ۾ سنڌي اديبن خاص طور تي سنڌ جي شاعرن ان ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف آواز بلند ڪيو. ان مزاحمتي قافلي ۾ ڪوڙ سارا شاعر هئا جن ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، تنوير عباسي، سرويچ سجاولي، امداد حسيني ۽ بردو سنڌي شامل هئا. ابراهيم منشي به انهيءَ قافلي جو ئي هڪ رڪن هو.

ابراهيم منشي جي شاعري عوامي شاعري آهي ڇوته اها انتهائي عام فهم شاعري آهي پر فني ۽ فڪري لحاظ کان به اعليٰ درجي جي شاعري آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ انتهائي خوبصورت ترڪيبون، تشبيهون، تمثيلون ۽ چوڻيون استعمال ڪيون آهن ۽ تجنيس حرفي جو بهترين استعمال ڪيو آهي. هن نظم، وائي، ڪافي، غزل ۽ بيت جي صنف ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ هر صنف کي ڀرپور طريقي سان نڀايو آهي. هن جي شاعريءَ جو محور ڌرتي ۽ ڌرتي واسي آهن.

مزاحمتي شاعريءَ جو بنياد ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين جي محبت هوندي آهي. ابراهيم منشي به انهن شاعرن منجهان آهي جن جي لاءِ سندن ڌرتي ئي سڀ ڪجهه هوندي آهي. مٽيءَ جي محبت سندن رڳ رڳ ۾ سمايل هوندي آهي ۽ سندن شاعري ان محبت جو هڪ اظهار هوندي آهي. "ابراهيم منشي جي شاعريءَ ۾ سنڌ ئي سنڌ آهي هو هر ڳالهه سنڌ لاءِ ڪري ٿو." (9)

ڪارونجهر کان ڪينجهر تائين ڪيٽي بندر کان ڪشمور.
موتين کاڻ هي ملڪ سڄو آمارن جو ۽ مارومور. (10)

هو چوي ٿو ته سنڌ هن جي ساهه ۾ سمايل آ، جيسين ساهه سلامت آهي تيسين ڌرتي جي محبت زنده رهندي.

جيسين تندون ساهه جون ساهه سان سهمت
رتي روڪي نه سگهندي تيسين ڪا طاقت
ڌرتي جي محبت "منشي" ماٺي نه ٿئي." (11)

اها ڌرتي جي اڻ کٽ محبت آهي جنهن هن کي ايتري عظمت ايتري قوت ۽ طاقت عطا ڪئي آهي. جو هو سنڌ جي محبت لاءِ چوي ٿو ته ڀلي پهاڙ پنهنجي جڳهه ڇڏي ڏين يا سمنڊ سسي وڃن ته به هن جي سيني مان ڌرتي جي محبت ختم نه ٿيندي.

هماليه هٽي وڃي ڪائي سوس سمنڊ
سانڍيم جيڪا سنڌ لاءِ اندر منجهه اکنڊ
ٿي ويئي پهڻ پنڊ، پڙتان پري نه ٿئي
(12)

ابراهيم منشيءَ جي دل ڌرتي ۽ ڌرتي واسين لاءِ ڌڙڪي ٿي. هو ڌرتي جي مسڪين ماڻهن جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهي ٿو. انهن جي تڪليف کي پنهنجي تڪليف سمجهي ٿو"هو عام منجهان آهي عام ماڻهو جي ڏک ۽ سک ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي." (13)

هو ظلم تي ٻڌل هر ريت هررسم ۽ هردستور جي مخالفت ڪري ٿو.

عجب ڏٺو سون اڇي اداڙي، دنيا جو دستور هتي
راهه رهڻ جي ڪائي ڪانهي مسڪينن لاءِ مور هتي
ڪير ڪمائي ڪير ٿو ڪائي هتي ادا حالات ڏسو
ڪن لاءِ قائم ڏينهن سدائين ڪن لاءِ ڪاري رات ڏسو
سچ چوڻ لاءِ ڪن، سياسي ليڊرشپ جي لات ڏسو
اکين هوندي انڌا آهن نابينا بي نور هتي
رشوت خورريائي رهزن آفيسر منظور هتي

(14)

ابراهيم منشي وڏي پيماني تي ان طبقاتي نظام کي چيلنج ڪري ٿو جتي امير امير کان اميرتر ۽ غريب غريب کان غريب تر ٿيندو ٿو وڃي. ڪجهه ماڻهو تہ مستقل عيش پرستي ۾ گذارن ٿا ۽ انهن کي زندگي جي هر سهولت حاصل آهي ۽ ٻئي طرف مسڪين ماڻهو مانيءَ گرهه لاءِ بہ واجهائيندو وتي ٿو. هو سمورن ساجاهه وندن کان سوال پڇي ٿو تہ اهو جبر جو طبقاتي نظام آخر ڪيستائين هلندو. مسڪين ماروئڙن جا ڏينهن ڪڏهن ڦرندا تہ جيئن اهي سک جو ساهه کڻي سگهن. هو سوال پڇي ٿو تہ هارين ، مزدورن، پيٽ ٻکين ۽ انگ اگهاڙن جي قسمت ڪڏهن تبديل ٿيندي ۽ نا انصافي تي مبني هن دوزخ جهڙي دنيا ۾ ابوجهہ ماڻهو ڪيستائين سڙندا رهندا.

سارو ڏينهن تغاري سرتي پيءُ پٽ شام جو روپيا چار
پيٽ بکيا ۽ انگ اگهاڙ گهر جا ياتي ٻارنهن ٻار
تن مان ڪي معصوم مدي ۾ ڪن کي بک ڪيو بيمار
حال ڏسي تن حيرت پريو آيل روئي ڏئي اوچنگار
دوزخ جهڙي ان دنيا ۾ هي سانگي سادا سڙندا ڪيسين
ٻا ٻاڻن جا ٻار ٻري ۾ ڪير ٻڌائي ٻرندا ڪيسين

(15)

جاگيرداري ۽ وڏيرڪو نظام سنڌ لاءِ هڪ ناسور بڻجي ويو آهي. اهو جاگيردار وڏيرو زمين جو مالڪ هئڻ ڪري نہ صرف هاريءَ ناريءَ جا حق غصب

ڪري ٿو بلڪ ان سان گڏو گڏ سياست تي بہ پنهنجي اجارہ داري قائم ڪري ڌرتي واسين جو استحصال ڪري ٿو. اهو ئي وڏيرو ووٽ وٺڻ وقت نڱي جا ناهہ ناهي غريبن جي تڏي تي اچي سال پراڻا عذر موڪي، ٻانهون ٻڌي جڏهن ڪاميابي ماڻي وزارت جي ڪرسي تي ويهي ٿو تہ ڪائنس اها ڳالهہ ئي وسري وڃي ٿي تہ جن غريبن جي سهاري هو ايترو مٿي تائين پهتو آهي، تن جو حال ڪهڙو آهي. وڏيري جي ان ڪردار جي ابراهيم منشي کي چڱي ڄاڻ آهي.

”ابراهيم منشي ڄاڻي ٿو تہ سنڌ جا سيئي مسئلا هترادو ناهيل آهن. انهن جو وڏو ڪارڻ وڏيرو آهي.“ (16)

وڏيري جي اهڙي ڪردار کي هو وائکو ڪندي چوي ٿو تہ:

وڏيرن جو وريو وارو خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو
وري مارن مٿي مارو خــدا ڄاڻي تــہ ڇا ٿيندو
ويون انصاف جون واهون پيا مسڪين ڪن دانهون
ڪيا جن قول تي ڪيڏا ٻڌي هرهر ڪٽي ٻانهون
وزارت جون وٺي ڪرسيون ڪري ويا پير سي پاهون
ٿيو پڌرو اچو ڪارو خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

(17)

هو وڏيري جي نفسيات کي پوريءَ طرح سمجهي ٿو. ”هو سمجهي ٿو تہ هاري سان ڪهڙي ويڌن آهي، هن کي خبر آهي تہ وڏيري جو ڪردار ڇا آهي.“

(18)

هو وڏيري جي وجود کي قوم لاءِ ڪينسر قرار ڏئي ٿو. اهو ڪينسر جيڪو قوم جي نسلن کي برباد ڪري رهيو آهي.

آهي ڪينسر قوم ۾ وڏيرو ڪو وجود
ڪيا جن هن قوم جا نسل ڪئين نابود
شاهد ۽ مشهود آهن هارين حالتون

(19)

ابراهيم منشي جي شاعري عوامي شاعري آهي جنهن ۾ اعليٰ درجي جي جماليات ۽ رومانويت بہ موجود آهي تہ قومي مزاحمت بہ. سٺي شاعر جي هڪ خوبي اها بہ ٻڌائي ويندي آهي تہ ان جي شاعري کي ڳائي سگهجي. ان معيار تي ابراهيم منشي جي شاعري کي پرکجي تہ خبرپوندي تہ نہ صرف

ابراهيم منشي پاڻ پنهنجي شاعري ڳائي ماڻهن تي سانت طاري ڪري ڇڏيندو هو بلڪ هن جا ڪيترائي ڳايل شعر ضرب المثل جي طور تي مشهور ٿي ويا.

جنگ جنگ جنگ آ منهنجي تو سان جنگ آ
پليت پير ڪر پري هي ڌرتي منهنجو ننگ آ

(20)

خاص طور تي هيٺ ڏنل شعر جيڪو اڄ بہ ماڻهو اڪثر جهونگاريندا رهندا آهن يا مثال طور ڪم آڻيندا آهن.

مون پڪ سڃاتا پنهنجا هئا، ڪي ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾
ٿي واٽ ڏسيائون ويرين کي ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾

(21)

مٿين شعر ۾ شاعر ان مفاد پرست ٽولي جي پٽ وائکي ڪئي آهي جيڪي ڪجهہ مفادن خاطر پنهنجا ضمير وڪڻي قوم جي مفادن جو سودو ڪن ٿا.

مولانا غلام محمد گرامي فرمائي ٿو تہ " تاريخ شاهد آهي تہ شاعري ئي تنقيد حيات آهي جنهن هر دور ۾ تنقيد بہ ڪئي آهي تہ بغاوت بہ ڪئي آهي ۽ جو ڪجهہ بہ محسوس ڪيوآهي ان کي رک رکاءُ کانسواءِ بيان بہ ڪيو آهي."

(22)

ڏاڍ ظلم ۽ ناانصافي خلاف ان بغاوت جو اعلان ابراهيم منشي جي شاعري ۾ جا بجا نظر ٿو اچي، هو قوم کي جاڳائڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي مصلحت قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هو علي الاعلان چوي ٿو تہ.

مصلحت ڪي هڻ موچڙو، اٿل عزم ڌار
سائي تند تنوار جنهن سان جڳ جاڳي پوي

(23)

قوم کي جاڳائڻ لاءِ هو بغاوت جو اعلان ڪري ٿو ان بغاوت جي اعلان جي ڪري اگر هن کي غدار چيو وڃي ٿو ۽ سوليءَ تي چاڙهيو وڃي ٿو تہ بہ هو ان کان انڪار نہ ٿو ڪري.

مان غدار آهيان، مان غدار آهيان،
چيم سچ سوري سزا وار آهيان

(24)

ابراهيم منشي جي شاعري طبقاتي نظام، سماجي اڻ برابري، ظلم ۽ نااانصافي خلاف هڪ دور جي جدوجهد جي تاريخ آهي. هن جي شاعري عام ماڻهو کي اتساهيندڙ شاعري آهي. هن جي شاعري وطن جي محبت، ماروئڙن جي محبت سان ٽمٽمار ٽيل آهي. هن جي شاعري عام ماڻهن کي جدوجهد جي راهه ڏيکاري ٿي ابراهيم منشي جو نالو سنڌي مزاحمتي شاعري جي حوالي سان هميشه زنده رهندو.

ڪڏهن منهنجا گيت، ڌرتيءَ تي ائين گونجندا
سلا جهڙي ريت، اپرن انءِ مينهڙي
(25)

**حوالا:**


1. منشي ابراهيم "گوندر ويندا گذري"، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، ڇاپو چوٿون 2004ع، ص 8.
2. ايضاً...........................ص 8.
3. سومرو، غلام محمد آزاد، پنهنجي پاران "اکر اکر کي اک" ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن 2016ع، ص 12.
4. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانه جلد پهريون، حيدرآباد سنڌي لينگويج اٿارٽي، 2009ع، ص 101.
5. نبي بخش خان، ڊاڪٽر جامع سنڌي لغات، جلد پنجون سنڌي ادبي بورڊ، 1408هه، ص 2648.
6. ملاح، مختيار احمد، "ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت، حيدرآباد، سنڌي لينگويج اٿارٽي، ڇاپو پهريون، مارچ 2005ع، ص 321.
7. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" ڪراچي يونيورسٽي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، 2002ع، ص 232.
8. جويو، محمد ابراهيم، مهاڳ "گوندرويندا گذري"، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، ڇاپو چوٿون، 2004ع، ص 13
9. ملاح مختيار احمد، "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو " ڪراچي، ڪانياواڙ اسٽور، ڇاپو پهريون 2006ع ص 404.
10. منشي، ابراهيم "گوندر ويندا گذري" ڪنڊرڀارو، روشني پبليڪيشن، ڇاپو چوٿون، 2004ع، ص 21.

11. منشي، ابراهيم "اڪراڪر ڪي اک " ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، ڇاپو پهريون، 2006ع، ص 29.
12. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" ڪراچي، يونيورسٽي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، 2002ع، ص 458.
13. منشي، ابراهيم "گوندرويندا گذري"، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن ڇاپو پهريون 2004ع ص 36.
14. منشي، ابراهيم "گوندر ويندا گذري"، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن ڇاپو پهريون 2004ع ص 36.
15. ايضا...................34.
16. ملاح، مختيار احمد ،"سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو" ڪراچي، ڪانياواڙ اسٽور، ڇاپو پهريون 2006ع ص 405.
17. منشي، ابراهيم، "گوندرويندا گذري" ڪنديارو، روشني پبليڪيشن ڇاپو پهريون 2004. ص47.
18. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" ڪراچي، يونيورسٽي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، 2002ع ص 458.
19. منشي، ابراهيم ، "گوندرويندا گذري" ڪنڊرپارو، روشني پبليڪيشن ڇاپو پهريون 2006ع ص 122.
20. منشي، ابراهيم، "اڪراڪرڪي اک" ڪنديارو، روشني پبليڪيشن ڇاپو پهريون 2006ع 43.
21. ايضاً.................ص 49.
22. گرامي، مولانا غلام محمد، "مشرقي شاعري جا فني قدر ۽ رجحانات"، ڄامشورو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ 1992ع ص 7.
23. منشي، ابراهيم، "گوندرويندا گذري" ڪنديارو، روشني پبليڪيشن 2004ع ص 137.
24. ايضاً................ص 53.
25. ايضاً...................ص 115.